**ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر (سنڌي)
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد
**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي

# THE GRAMMATICAL AND SYNTACTICAL RESEMBLANCE BETWEEN SINDHI AND SARIKI LANGUAGES

**Abstract**

Sindhi and Saraiki are the ancient languages of the Indus Valley and they are closely connected with each other for centuries. According to linguists, they belong to same language group. To analyze the relation and commonalities of the languages, the first and foremost thing is Syntax. This research article explores the relationship of Sindhi and Saraiki in terms of grammar and syntactical structure. The resemblance between these languages have been elaborated with suitable examples.

**صرفي نحوي هڪجهڙائي:**

سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي جي صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي جي قاعدن ۽ قانونن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي هوندي آهي. ڇو جو اڳ ۾ به اهو ذڪر ٿي چڪو آهي ته، انهن ٻنهي ٻولين جي هڪجهڙائي جي ڪري انهن جي ويا ڪرڻ ۾ به تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. ڇو جو ٻنهي ٻولين جي نسل انهن جي اچارڻ جو طريقو انهن جا مصدر ناهڻ جا قائدا، انهي قدر جو ٻنهي ٻولين جي ويا ڪرڻ يا گرامر ۾ به هن خطي ۾ اچڻ وارين قومن ۽ ٻولين تمام گهڻو اثر ڪيو آهي. خاص طور تي سنڌي ٻولي جو وياڪرڻ سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ انگريزي جي گهڻن ئي لاڳاپيل قاعدن تي ٻڌل آهي پر سرائيڪي ٻولي ۾ وياڪرڻ تي ڪو مستند ڪم ناهي ٿيل، انهي جي هوندي سنڌي ٻولي جي گرامر تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو پيرو مل ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا ساراهه جوڳا نالا آهن. سنڌي ٻولي ۾ گهڻا ڪتاب ته گرامر جي حوالي سان ترجمو ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻولي ته پنهنجي واڌ ويجهه جي حوالي سان تمام گهڻن مرحلن مان لنگهي سامهون آئي آهي ۽ هن خطي جي مستقل ٻولين ۾ ڳڻي وڃي ٿي پر انهي جي مقابلي ۾ سرائيڪي ٻولي پنهنجي

ارتقائي مرحلن ۾ ئي تمام گهٽين ڏکيائين کي منهن ڏئي رهي آهي.

**صرفي هڪجهڙائي:**

روزمره جي زندگي ۾ اسين جيڪي لفظ ڪم آڻيون ٿا تن مان ڪي اهڙا هوندا آهن جن جو روپ هر جڳهه هڪجهڙو هوندو آهي ۽ ٻيا اهڙا هوندا آهن جن جو روپ مختلف جملن ۾ ڦريو وڃي مثال طور لفظ بابت هميشه هر جملي ۾ انهي روپ ۾ ڏسڻ ۾ ايندو، پر لفظ ڇوڪرو ڦري ڪيترائي روپ بدلائي ٿو. جيئن

ڇوڪرو اچي ٿو.

ڇوڪرا اچن ٿا

ڇوڪري کي نه مار

ڇوڪرن کي نه مار

ڇوڪري اچي ٿي

ڇوڪريون اچن ٿيون ۽ ٻيا ڪيترائي مثال.

"لفظ ٻولي ۾ ڇو ۽ ڪيئن ٻيا ٻيا روپ وٺن ٿا، تنهن جو تعلق لسانيات جي هڪ شاخ سان آهي، جنهن کي علم صرف يا صرفيات سڏجي ٿو".(1)

**اسم:**

اسم جي تعريف، انهن جا قسم ۽ انهن جا مثال ٻنهي ٻولين ۾ هڪجهڙائي آهن اسم کي اڳ ۾ پهرين خاص ۽ عام ۾ ونڊيو ويندو آهي، پوءِ انهن ٻنهي کي مثالن سان پيش ڪيو ويندو آهي. اسين انهن شين ڪان پري اسم جي جنس تعداد ۽ حالت جي باري ۾ پنهنجي ڳالهه کي سامهون رکنداسين، انهي ۾ هڪ خاص ڳالهه آهي ته انهي ۾ اسم جا سمورا مثال سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي ۾ هڪجهڙائي آهن. اسم ۾ اسان کي ٻنهي ٻولين جي لفظي خزاني جي سولي نموني نمائندگي ڪندو جنهن کي اسين لفظي هڪجهڙائي ۽ ٻاهرين ٻولين جي اثر جي باب ۾ پيش ڪنداسين.

**جنس:**

جنس جي باري ۾ دنيا جي هر ٻولي ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ آهي، دنيا جون ڪجهه ٻوليون اهڙيون آهن جنهن ۾ جنس جون ٽي صورتون ملنديون آهن ۽ ڪجهه ٻوليون اهڙيون آهن جنهن ۾ جنس جون ٻه صورتون ملنديون آهن، ۽ وري دنيا جون ڪجهه ٻوليون اهڙيون ٻه آهن جنهن ۾ جنس کي ڪا ٻه شيءِ نه سمجهيو ويندو آهي. شرف الدين اصلاحي جان بيمز جو حوالو ڏيندي پنهنجي ڳالهه کي هن ريت بيان ڪيو آهي ته:

"Sanskrit has all three genders, so have the prakrits. In the modern languages only Gujrati and Marathi have all three, Sindhi, Punjabi and Hindi have only masculine and feminine; Bengali and Oriya have no

gender at all.” (2)

جنس جي حوالي سان سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ ايتري تہ هڪجهڙائي آهي جو انهن ٻنهي ٻولين ۾ جنسن جون بہ صورتون ملنديون آهن جيڪي هڪ مذڪر ۽ ٻي مونث آهي.

انهي جي باري ۾ مرزا قليچ بيگ جو چوڻ آهي تہ:

”سنڌي ۾ اسم جون بہ جنسون آهن مذڪر ۽ مونث“ (3)

انهي سلسلي ۾ پيرو مل مهر چند آڏواڻي بہ هن ريت لکيو آهي تہ:

”سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ جنس مذڪر ۽ جنس مونث کان سواءِ جنس بي جان بہ آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت ۾ مقرر ٽيل پڇاڙي ام آهي سنڌي ٻولي اها جنس بي جان واري پڇاڙي وڃائي ڇڏي آهي.“ (4)

انهي سلسلي ۾ ڊاڪٽر مهر عبدالحق جو چوڻ آهي تہ:

”ملتاني ٻولي جي تذڪير ۽ تانيث جا قائدا ٻين هند آريائي ٻولين جي قائدن وانگر تمام گهٽا آهن“ (5)

”جنهن هندي ۽ فارسي لفظن جي آخر ۾ الف يا ه هوندو اهي سرائيڪي ٻولي ۾ مذڪر هوندا جيئن گهوڙا، بنده، خواجہ وغيره، عربي جا لفط جنهن جي آخر ۾ ه هوندي آهي انهن کي انهي قاعدي جي دائري مان ٻاهر ڪڍيو ويو آهي. جيئن سلطانہ ۽ والده (6)

| مذڪر | مونث | مذڪر | مونث |
|---|---|---|---|
| ڪرڪا | ڪرڪي | وهڙڪا | وهڙڪي |
| ٻلا | ٻلي | چوها | چوهي |
| ڪوتا | ڪوتي | چڙا | چڙي |
| مندا | مندي | ٽندا | ٽندي |
| ياٺيتا | ياٺئي | پٽيجا | ياٽيجي |
| ماما | مامي | چاچا | چاچي |
| ڏاڏا | ڏاڏي | نانا | ناني |
| نانا | ناني | سياٽا | سياٽي |
| انڏا | انڏي | | |

جنهن ملتاني لفظن جي آخر ۾ يائي معروف هوندي آهي اهي مونث هوندا آهن جيئن گهوڙي چڙي وغيره.

ساڳي ريت سنڌي ٻولي ۾ بہ جن لفظن جي پوپان و هوندو آهي اهي مذڪر هوندا آهن چو جو سنڌي ٻولي ۾ سرائيڪي جو مذڪر گهوڙا سنڌي جي مذڪر

گهوڙو ۾ متجي ويندو آهي. ڇو جو سنڌي ۾ اهي تمام لفظ جيڪي سرائيڪي ۾ الف يا هائي هوز تي ختم ٿيندا آهن اهي سنڌي ٻولي ۾ واو مجهول تي ختم ٿيندا آهن. انهي ڪري مذڪر ۾ انهن جون شڪليون سرائيڪي کان مختلف هونديون آهن پر انهن جي مونث هوبهو سرائيڪي ٻولي جهڙي ئي هوندي آهي. جيئن گهوڙو گهوڙي ڇوڪرو ڇوڪري، گولو گولي، ڦلو ڦلي، ٻندو ٻندي.

ڪجھ اهڙا لفظ هوندا آهن جيڪي انهن ٻنهي ٻولين جي قاعدن کان ٻاهر هوندا آهن، جنهن کي اسين ياءِ معروف جي هوندي بہ اسين انهن کي انهي قانون جي دائري ۾ نٿا آڻي سگهون. جيئن پٽولي، موچي، مالي، تيلي، چاڪي ۽ ڌوٻي وغيره.

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| ڪوتي | ڪوتو | گهوڙي | گهوڙو |
| ڀاٽيجي | ڀاٽيجو | ڀائيٽي | ڀائيٽو |
| چاچي | چاچو | مامي | مامو |
| ناني | نانو | ڏاڏي | ڏاڏو |
| ڇوڪري | ڇوڪرو | انڌي | انڌو |

ساڳي ريت اهو ئي ساڳيو طريقو سرائيڪي ٻولي ۾ بہ هوندو آهي پر انهي ۾ فرق صرف ايترو هوندو آهي تہ انهي ۾ مذڪر لفظ جي پڇاڙي الف تي يا و تي ٿيندي آهي. اهڙي طرح سنڌي ٻولي ۾ ڪن حالتن ۾ اي بدران اِ پڇاڙي بہ ڪم اچي ٿي، جيئن ڇوڪُر ان جو مونث ڇوڪرِ اُٺ ان جو مونث اُٺِ ۽ گڏھ ان جو مونث گڏھِ. مطلب تہ جن مذڪر اسمن جي پڇاڙي ۾ اُ اچي ٿو تن جي مونث جوڙڻ لاءِ اُ ڪڍي اڪثر اِ پڇاڙي جوڙبي آهي.

اهو ساڳيو ئي طريقو ملتاني ۽ سرائيڪي ٻولي ۾ بہ آهي جنهن کي ملتاني ٻولي جي خاص قاعدن ۾ رکيو ويو آهي جيڪو سنڌي ٻولي سان تمام گهڻي هڪجهڙائي رکندو آهي. مهر عبدالحق انهي کي هن ريت بيان ڪيو آهي تہ: ”ماقبل آخر مفتوح هجي تہ مذڪر ۽ جيڪڏهن مڪسور هجي تہ مونث هوندو آهي.“ (7) مثال طور:

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| رنڌِڙ | رنڌَڙ | چوهِر | چوهَر |
| وَهِڙ | وَهَڙ | هيڪِل | هيڪَل |
| ڦنڌِر | ڦنڌَر | ٻِگِل | ٻَگَل |
| ڇُڙو گِل | ڇُڙو گَل | ڪُڪِڙ | ڪُڪَڙ |
| | | خَچِر | خَچَر |

هي اهو ئي قاعدو آهي جنهن تحت سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ مذڪر ڦري مونث ۾ ٿيندو آهي ۽ انهي ۾ اعرابن جي تبديلي ٿيندي آهي.

لالا، پيشوا، هاٿي، هندو ۽ ٻين اهڙن مذڪر اسمن جي پويان مونث پڇاڙي اِي گڏڻ ئي مشڪل آهي، تنهنڪري اهڙن ڪيترن ئي لفظن ۾ مونث جڙي ئي نٿو سگهي پر ڪن ۾ وري هيٺين ريت جڙي ٿو.

هاٿي انهي جو مونث هاٿياني، هاٿڻي، هاٿڻِ. هندو ان جو مونث: هندواڻي، هندڻ. ڪيترن او ۽ اُ پڇاڙين وارن مذڪر اسمن جو مونث ٻہ انهي نموني جڙيل آهي. مثال طور: ماڙيچو ان جو مونث ماڙيچياڻي، ماڙيچڻي، ماڙيچڻ.

ٻروچ ان جو مونث ٻروچاڻي، ٻروچڻي، ٻروچڻ. ڏيران ان جو مونث ڏيراڻي. شينهن، ان جو مونث شينهڻ. ساڳي ريت اهو ساڳيو ئي قاعدو ۽ قانون سرائيڪي ٻولي ۾ ٻہ استعمال ٿيندو آهي. جيئن:ڌوٻي، ڌوٻڻ، سنڌي، سنڌڻ. مراسي، مراسڻ. مالي، مالڻ. تيلي، تيلڻ. ڪجھ ٻيا مثال ٻہ انهن ضمن ۾ ڏنا پيا وڃن.چوڌري، چوڌراڻي، حاجي، حاجاڻي، مهر، مهراڻي، ملڪ، ملڪاڻي وغيره. وغيره ڪجھ وري ٻين نمونن جا مثال هيٺ آهن.

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| فقيرياڻي | فقير | نانگڻي | نانگ |
| پوتڻي | پوت | شيرڻي | شير |
| جنڻي | جن | پونٻڻي | پونٻ |
| ڏومڻي | ڏوم | سُورڻي | سُور |

ڪن مذڪر اسمن لاءِ نرالا مونث لفظ ٺهيل آهن. مثال طور:

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| ماتا | پتا | امان | ابو |
| ڌي | پٽ | پيڻ | پاءُ |
| ڳئون | ڏاند | ماءُ | پيءُ |
| راڻي | راجا | ڏاچي | اُٺ |
| سس | سهرو | ڪنوار | گهوٽ |

ساڳيا مثال سرائيڪي ۾ ٻہ آهن ۽ انهن لاءِ ٻہ ڪو قاعدو ڪونہ آهي اهي ٻہ بي قائدي طور تي مذڪر مان مونث ۾ تبديل ٿيا آهن.

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| ڌي | پٽر | ما | پيئو |

| مونث | مذڪر | مونث | مذڪر |
|---|---|---|---|
| ڏاچي | اٺ | ڀيڻ | ڀرا |
| ڳئون | ڏاند | زال | مڙس |
| ڀيڊ | گهتا | تريمت | مرد |
| سس | سوهرا | ڪنوار | گهبرو |

**مونث پڇاڙين جي سڃاڻپ:**

سنڌي ٻولي ۾ ٻيبي، گهوڙي ۽ دلي لفظن جي پڇاڙي ۾ اِي جو اچار آهي اي پڇاڙي وارا اسم گهڻو ڪري مونث آهن. ڇاڪاڻ تہ انهي پڇاڙي وارا ڪي ٿورا مذڪر اسم بہ آهن، مثال طور: ڪتي، حلوائي، پاٽي ۽ موتي.

سرائيڪي ٻولي ۾ جن لفظن جي پويان ي هجي يا اهي مونث هوندا آهن جيئن: ڪاني، نالي، ڪنجي، ٻڙي، هڏي، قاسي، حويلي، سبزي، پريشاني، ٿالهي، سوتي، جتي، بالتي، پيڙهي، ٽوڪري، هٽي، ٻوتي، ڏهي، مهي، ملائي ۽ چوتي وغيره.

ڪجهہ اهڙا اسم بہ آهن جيڪي انهي قانون کان ٻاهر آهن ۽ اهي اي ۽ ي جي هوندي بہ مذڪر هوندا آهن. جيئن. پاٽي، موتي، جي، سي، حلوائي، ڪتي.

جنسن جي قاعدي ۽ قانونن ڪي تمام سني نموني پرکڻ کان پوءِ اسين اهو آساني سان چئي سگهون ٿا تہ انهن ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ گهٽي حد تائين هڪجهڙائي آهي.

**عدد:**

وياڪرڻ جي قانون ۾ عدد جو سانچو ڪنهن بہ شي جي تعداد کي پرکڻ لاءِ هوندو آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ شي جي واحد يا جمع هجڻ جي گواهي ڏني ويندي آهي. واحد معني هڪ، هڪ کان وڌيڪ يعني ٻن يا گهڻن کي جمع چئبو آهي جمع معني گهڻا.

**مذڪر اسمن جو جمع:**

گهوڙو جمع گهوڙا ۽ ڪتو جمع ڪتا. اهڙي طرح جن اسمن جي پڇاڙي ۾ (ا) اچي ٿو تن جي جمع جوڙڻ لاءِ او ڪيي آ پڇاڙي گڏجي ٿي.

| جمع | واحد | جمع | واحد |
|---|---|---|---|
| ادا | ادو | چوڪرا | چوڪرو |
| ڪاڪا | ڪاڪو | چاچا | چاچو |
| ٻوتا | ٻوتو | ماما | مامو |

پر انهي ۾ سرائيڪي ٻولي ۾ هڪ جاءِ تي اختلاف ملندو آهي ڇو جو مذڪر ۾ انهي قانون تحت جمع ڪرڻ جو قاعدو سنڌي ٻولي کان بلڪل مختلف آهي.

”جنهن واحد مذڪر لفظن جي آخر ۾ الف يا ه ايندي آهي، انهن ۾ جمع جي صيغي ۾ ي ٿي ويندي آهي جيئن گهوڙا مان گهوڙي، بندو مان بندي، ديوانہ مان ديواني، تماشا مان تماشي، جلسہ مان جلسي، داڻو مان داڻي، درجو مان درجي، ڪُرا مان ڪُري، چوڙها مان چوڙهي.“ (23)

سنڌي ٻولي جي قانونن موجب واگهہ، ڪدو، ماڻهو، وڇون ۽ ٻيا لفظ جن جي پڇاڙي ۾ اُ و ۽ اون جو اچار آهي، تن جي جمع ڪونہ جڙندو آهي. اهي واحد توڙي جمع ۾ هڪجهڙا آهن. ٻئي هنڌ وري سنڌي ٻولي جي قانون موجب اٺُ جمع اُٺَ گڏهہ جمع گڏهہ، ٻڪرُ جمع ٻڪرَ مطلب تہ پڇاڙي وارن مذڪر اسمن جو جمع عام طرح اَ پڇاڙي ۾ گڏڻ سان ٺهي ٿو پر ڪن حالتن ۾ آ بدران اَ پڇاڙي بہ ڪم اچي ٿو. (24)

سرائيڪي ٻولي ۾ انهي قانون کي انهي ريت بيان ڪيو ويو آهي ۽ انهي مذڪر واحد جو جمع هن ريت تيار ڪيو ويندو آهي، جيڪو سنڌي ٻولي سان تمام گهڻي هڪجهڙائي رکي ٿو.

جن واحد سرائيڪي مذڪر لفظن جي آخر ۾ الف يا ه ناهي هوندي انهن جي واحد ۽ جمع هڪ ئي صورت رهندي آهي. جيئن

| جمع | واحد | جمع | واحد |
|---|---|---|---|
| گهبرو | گهبرو | گهر | گهر |
| ڏاند | ڏاند | پيئو | پيئو |
| هرن | هرن | پتر | پتر |
| مالي | مالي | پناڻ | پناڻ |
| اُٺ | اُٺ | نانگ | نانگ |
| ڏوم | ڏوم | شينهن | شينهن |
| اوڏ | اوڏ | جٽ | جٽ |
| درڪاڻ | درڪاڻ | ڪراڙ | ڪراڙ |
| پاولي | پاولي | موچي | موچي |

## نحوي هڪجهڙائي

علم نحوي جنهن علم کي انگريزي ۾ گرامر چئبو آهي تنهن کي عربي ۽ فارسي ۾ صرف يا نحوي چئبو آهي ۽ سنسڪرت ۾ ويا ڪرڻ چئبو آهي.

سنڌي ٻولي ۾ ڪيترائي عربي ۽ فارسي جا لفظ گڏجي سنڌي زبان جو حصو ٿي چڪا آهن. تنهن جي ڪري نج سنڌي ۽ عربي لفظن جي سڃاڻپ مشڪل ٿي پئي آهي. سنڌي صورتخطي کي بہ عربي ئي چيو ويندو آهي. تنهن ڪري صرف ۽ نحو بيان ڪرڻ ۾ اڪثر عربي واري ترتيب ۽ ترڪيب ڪم اچي ٿي.

| سنڌي | سرائيڪي | سنڌي | سرائيڪي |
|---|---|---|---|
| پان | پان | ماڪي | ماڪي |
| مڪڻ | مڪڻ | ڳڙ | ڳڙ |
| ڦوٽا | ڦوٽا | گوشت | گوشت |
| آنو | آنا | ڪير ڏڏ | ڪير ڏڏ |
| اٽو | اٽا | ڪنڊ | ڪنڊ |
| گيهه | گيهه | لوڻ | لوڻ |
| دلو | دلا | بسترو | بسترا |
| وهاٽو | وهاٽا | ڍڪڻ | ڍڪڻ |
| وحي | وحي | نور | نور |
| سج | سج | سيارو | سيارا |
| سمنڊ | سمنڊ | زلزلو | زلزلا |
| لهر | لهر | امان | امان |
| پي | پيو | ادا | ادا |
| ادي | ادي | ڪڇ | ڪڇ |
| ٻانهن | ٻانهن | لت | لت |
| ڳچي | ڳچي | ڳل | ڳل |
| مخز | مخز | ڏڪڻ | درڪاڻ |
| مالهي | مالي | سونارو | سونارا |
| ڪنڀار | ڪمڀار | پل | پل |
| مهل | مهل | اڄ | اڄ |
| ساوڻ | ساوڻ | چنچر | چنچڙ |
| گڏهه | گڏهه | اٺ | اٺ |
| ڏڳو | ڏڳا | پڳ | پڳ |
| جوراب | جراب | گنجي | گنجي |
| داٽوپاٽي | داٽہ پاٽي | سڪ | سڪ |
| بلا | بلا | | |

### هڪ جهڙا پهاڪا ۽ چوڻيون

سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي ۾ سون جي تعداد ۾ چوڻيون ۽ پهاڪا هڪ جهڙا يا ٿوري فرق سان اسان وٽ رائج آهن ڪجهه مثال.

- تڪڙي ڪتي انڌا گلر ڄٽي. (سنڌي)
- ابا هلي ڪتي انڌي گلر ڄٽيندي هي، (سرائيڪي)
- اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن ڇني (سنڌي)
- ٻٺ او سونا جيڙها ڪن تروڙي (سرائيڪي)
- نالي چڙهيو چور ڦاسي چڙهي (سنڌي)
- نان چڙهدا چور ڦاسي چڙهي (سرائيڪي)

انهي کان علاوه سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ محاورا (اصطلاح) بہ تمام گهڻي حد تائين هڪ جهڙا ۽ يا ٿوري فرق سان ملن ٿا. محاورو يا اصطلاح هو مروج استعمال آهي، جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي استعمال ٿيندو آهي ۽ اکري معني بدران ٻولي جي رواج مطابق ٻي معني ڏيندو آهي.

مثال طور: فاطمہ ساهيڙين واتان اها ڳالهہ ٻڌي پاڻي پاڻي ٿي وئي.

انهيءَ جملي ۾ پاڻي پاڻي ٿيڻ هڪ محاورو يا اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب لڄي ٿيڻ، شرمسار ٿيڻ. ڪجهہ مثال طور مختصر پيش ڪجن ٿا جيڪي ٻنهي ٻولين ۾ لڳ ڀڳ ساڳيا آهن.

اک ڏيکارڻ، نڪ وڍڻ، آسمان ڦارڻ، ربيع نہ خريف هٿڻ، اک ڇنڀ، ڪن ڀرڻ.

سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي موجود آهي. ٻولين جو وجود صرف ۽ نحو مان قائم ٿيندو آهي. اسم، فعل ۽ حرف انهي سلسلي ۾ بہ سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ تمام هڪ جهڙائي ۽ لفظ هڪ اصول جي تحت وجود ۾ ايندا آهن ۽ عربي ويا ڪرڻ انهن کي اڃا بہ وڌيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو آهي.

جيڪڏهن نحوي اعتبار کان ڏٺو وڃي تہ بہ انهن ٻولين ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي ملندي انهن ٻولين جا نحوي قاعدا هڪجهڙا آهن. انهن ۾ جملن جي ساخت هڪ جهڙي هوندي آهي. ڳالهائڻ جي جملن ۽ جزن جي ترتيب بہ هڪ جهڙي آهي انهي پهلو کان بہ سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ هڪ جهڙائي جو احساس اڃان وڌيڪ نروار ٿئي ٿو.

حوالا:


1. اصلاحي، شرف الدين، اردو سنڌي ڪي لساني روابط (اردو) ص، 157
2. ساڳيو، ص 355
3. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، سنڌي ويا ڪرڻ، چار شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2006ع ص 13
4. آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، سنڌي ٻولي جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ، 2004ع ص، 306
5. مهر عبدالحق، ڊاڪٽر، ملتاني زبان اور اس ڪا اردو سي تعلق، اردو اڪادمي، 1967، ص 429
6. ساڳيو، ص 430
7. ساڳيو، س، 439